## اداريو:

# موت العالم موت العالم

موتُ العالِم موتُ العالَم“ ـ جي لفظن ۾ ڪيڏي نہ حڪمت ۽ حقيقت سمايل آهي! علم وارو جيڏو وڏو، سندس وڃڻ اوڏو ئي وڏو نقصان. عالم جو موت رڳو هڪ شخصيت جو وڃڻ نہ هوندو آهي، بلڪ اها علم، بصيرت، حڪمت ۽ فيض جي هڪ دنيا جي رخصتي هوندي آهي.

گذريل مهيني حر جماعت جي هڪ وڏي علمي ۽ روحاني شخصيت، شيخ الحديث والقرآن حضرت مفتي محمد رحيم سِڪندري دنيا فانيءَ کي الوداع چئي ويا. سندن وفات سان علم، تقويٰ، اخلاص ۽ خدمت جو هڪ سنهري دور پورو ٿيو، جنهن جي خالي جاءِ پوري نہ ٿي سگهندي.

حضرت مفتي صاحب پنهنجي زندگيءَ جا ٨۴ سال علم، تعليم، اصلاح ۽ خدمتِ خلق لاءِ وقف ڪيا. پاڻ جامعه راشديہ جي ابتدائي شاگردن مان هئا. قدرت کيس غير معمولي ذهانت، بي مثال حافظي ۽ فڪر جي گهرائي سان نوازيو هو. استادن سندن صلاحيتن کي جلدي سڃاڻي ورتو، ۽ پوءِ شاگرديءَ کان استاديءَ تائين جو سفر علم ۽ عمل جي روشنيءَ سان ڀرپور رهيو.

١٩٧٦ع کان جامعه راشديہ جي انتظامي مسند تي ويهي پاڻ علمي ۽ تنظيمي ترقيءَ جو اهڙو سلسلو شروع ڪيو، جو اڄ تائين جاري آهي. سندن سرپرستيءَ ۾ نہ رڳو جامعه علمي اوج تي پهتي، بلڪ ان جون شاخون مختلف شهرن ۾ قائم ٿيون، نصاب جديد ضرورتن مطابق مرتب ٿيا، ۽ هزارين شاگرد سندس علمي فيض مان بهره ور ٿيا.

پاڻ نہ صرف تدريس، بلڪ تحرير، تقرير، تحقيق ۽ تدوين جا بہ ماهر هئا. درگاهہ شريف جي علمي خزاني کي محفوظ ڪري منظرِ عام تي آڻڻ سندن وڏو ڪارنامو آهي. دلائلُ الخيرات، صلوات شريف ۽ سيرت النبي ﷺ سان سندس دلي وابستگي هڪ روشن مثال آهي.

حضرت مفتي محمد رحيم سِڪندري بظاهر موڪلائي ويا ، پر سندن علم، اخلاص، شاگرد ۽ خوشبو اڄ بہ زنده آهي.

# رَاشِدُ التَفاسِير

## قرآن مجيد جا تفسيري نڪتا (40)

**از: پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره**

پيرسائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي قدس سره قادري سلسلي جو شيخ طريقت هئڻ سان گڏ هڪ رباني عالم دين، مفسر، محدث، مجتهد ۽ فقيه هيو. قرآن مجيد جي مفسر طور ڏسجي ته پاڻ فن تفسير جو زبردست ماهر، علم تفسير جي اصولن ۽ باريڪين جو وڏو ڄاڻو هو. سندن ڪتب خاني ۾ تفسير جا اهم ۽ امهات الڪتب موجود هيا. پاڻ جنهن نموني قرآن مجيد جي آيتن جو تفسير بيان ڪندا هئا. ان جو هڪ الڳ ۽ منفرد انداز هيو، جنهن جا انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آثار سندن تصنيفات، مڪتوبات توڙي ملفوظات ۾ موجود آهن. ان ڪري هي ضروري آهي ته ”پيرسائين روضي ڌڻي بطور مُفسر قرآن“ جي موضوع تي تحقيق ڪجي ۽ سندن اعليٰ علمي شخصيت ۽ تبحر علمي جي هن اهم رخ کي واضح ڪجي. قرآن مجيد جي عُلوم ۽ تفسيري نُڪتن جي حوالي سان پيرسائين روضي ڌڻي قدس سره جي علمي ۽ عرفاني فيضان جي سمنڊ مان چونڊ افادات ۽ نڪتا هتي سلسله وار ڏئي رهيا آهيون ۽ انهيءَ سلسلي جو عنوان سندن اسم مبارڪ جي نسبت سان ”راشد التفاسير“ رکيو ويو آهي.

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

لَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَآئِمٍ (المائده : ۵۴)

(سچا مؤمن ملامت ڪندڙن جي ملامت ڪان نٿا ڊڄن.)

جيڏانهن جهلي لوڪ گهڻو وجهي تيڏهين سڌڙيا سنسار ۾، ماڻهو اٿيئي موڪ سسي ٿورو ٿوڪ، جي ڪسي تہ قربان ٿئي.

## درس حديث

### علم نبين جو ورثو آهي.

**حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:**

**إِنَّ الْعُلَمَاءَ وَرَثَةُ الْأَنْبِيَاءِ، وَإِنَّ الْأَنْبِيَاءَ لَمْ يُوَرِّثُوا دِينَارًا وَلَا دِرْهَمًا، وَإِنَّمَا وَرَّثُوا الْعِلْمَ، فَمَنْ أَخَذَهُ أَخَذَ بِحَظٍّ وَافِرٍ۔**

(سنن أبي داود، حديث: ٣٦٤١؛ جامع الترمذي، حديث: ٢٦٨٢)

سنڌي ترجمو:

بيشڪ عالِم نبيّن جا وارث آهن، ۽ نبيّن دينار يا درهم نہ ڇڏيو، پر علم ڇڏي ويا؛ جنهن علم حاصل ڪيو، سو وڏي حصي وارو ٿيو.

## درس ملفوظات شريف

امام العارفين حضرت پيرسائين روضي ڌڻي قدس الله فرمايو تہ حضرت ميان صاحب قدس الله جن اسان کي ۽ اسان جي ڀين ڀائرن کي گهڻي دلداري ۽ دلجوئي ڏيندي فرمائيندا هئا تہ اسين جو اوهان کي ظاهري علم جي پڙهائڻ ۾ ڪوشش ٿا ڪريون سا هن لاءِ نٿا ڪريون تہ ڪو انهيءَ ڪري توهان جي خلق ۾ عزت ۽ آبرو وڌي ، نہ ڪو وري هن لاءِ تہ اوهين قاضي يا وري عالمن جا منصب ۽ عهدا وٺو.سڄو! بلڪ اسان جي ڪوشش رکو هن مطلب لاءِ آهي تہ جيئن اوهين حضور عليہ الصلٰوة والسلام جي قولي ۽ فعلي سنتن کان واقف ٿيو ۽ انهيءَ تي استقامت سان عمل ڪريو، ڇو تہ ٻنهي جهانن جي مقصدن کي پهچڻ جو اهوئي رستو آهي ۽ بس.

# جديد اخلاقيات جي بحران جا بنياد

(هڪ فڪري، تنقيدي تجزيو)

**علامہ علي اڪبر راهمون سڪندري**

انساني فڪري تاريخ جي سفر ۾ "حقيقت الاهي جو ماوراء هجڻ" يعني الهي ۽ روحاني حقيقتن تي يقين، سدائين علم، اخلاقيات ۽ تهذيب و تمدن جو بنياد رهيو آهي. جڏهن بہ سماج پنهنجي فڪري بنيادن مان حقيقت اصلي جي ماورائيت (مادي ڪان مٿاهين حقيقت جي تصور) کي ڪڍي ڇڏيندو آهي، تڏهن فڪر ۾ ابتري، عمل ۾ تضاد ۽ سماج ۾ بگاڙ پيدا ٿيندو آهي. جديد فڪر، خاص طور تي مغربي فڪري تحريڪن، اهڙي ئي رجحان کي هٿي ڏني، جتي دين ۽ روحانيت کي غير ضروري قرار ڏئي "انساني آزادي" ۽ "عقل جي بالادستي" کي سڀ ڪجهہ سمجهيو ويو. پر نتيجي طور، نہ رڳو اخلاقي قدرن جو زوال ٿيو، پر انسان جي حيثيت بہ محض مادي وجود ۽ جانورن جي سطح تائين محدود ٿي وئي. هي مضمون جديد نظرين جي اخلاقي فڪر جي بحران ۽ جديديت جي اهم فڪري رخن جو تنقيدي تجزيو پيش ڪري ٿو.

**١. سيڪيولرزم:**

هي هڪ اهڙو نظريو آهي جيڪو ماورائيت (خدا تعالي جي حقيقت جي مادي ڪائنات کان ٻاهر ۽ مٿاهون هجڻ) کان صاف انڪاري آهي ۽ اخلاقي قدرن کي نسبتي، ۽ سماجي مصلحتن جي تابع سمجهي ٿو، مطلب تہ سيڪيولر ماورائيت کان بيزاري ۽ اخلاقي قدرن کي اضافيت طور تسليم ڪري ٿو.

سيڪيولرزم جو بنيادي نڪتو اهو آهي تہ سماج کي مذهب ۽ ماورائي قدرن کان آزاد ڪري صرف عقلي بنيادن تي منظم ڪيو وڃي. پر عملي طور ان سوچ "اخلاقي اضافيت (Moral Relativism) "کي جنم ڏنو.

جيڪڏهن اسين سيڪيولر فڪر جو تنقيدي جائزو ٿا وٺون تہ نتيجو هي ٿو نڪري تہ سيڪيولرزم تحت "مطلق سچائي" جي نفي، اخلاقيات

کي رڳو سماجي معاهدن تائين محدود ڪري ٿي ڇڏي. جيئن (رچرڊ ويور) چوي ٿو، جديد انسان "اخلاقي پريشاني" جو شڪار آهي ڇاڪاڻ ته هو ڪنهن به اخلاقي معيار کي حتمي نٿو مڃي.

البرٽ ميڪ انٽائر پنهنجي ڪتاب (After Virtue) ۾ يورپ کي به "اخلاقي طور تباهه" قرار ڏنو آهي، جتي عام ۽ عالمي اخلاقي اصول ختم ٿي ويا آهن.

نتيجي طور اخلاقي نسبتيت، خود پرستي ۽ سماجي بگاڙ ۾ اضافو ٿيو آهي.

**٢. جديد عقل جو تصور: مشيني عقل جي بالادستي**

جديديت عقل کي " مشيني اوزارن جي عقل (Instrumental " Reason)۾ بدلائي ڇڏيو، جنهن جو مقصد صرف افاديت ۽ نتيجا حاصل ڪرڻ آهي.

جيڪڏهن هن فڪر جي ڇنڊڇاڻ سندن ئي مفڪر جي اصولن جي روشني ۾ ڪنداسين ته نتيجو هيٺيون نڪرندو ته.

ڊيڪارٽ جو قول "مان سوچيان ٿو، تنهنڪري مان آهيان" هن نظريي عقل کي مذهب ۽ احساسن کان مٽانهون رکيو. پر اهو تصور انسان کي هڪ "سرد مشين" ۾ بدلائي ڇڏي ٿو، جيڪا رحم، محبت، لطيف احساسن ۽ روحاني قدرن کان خالي آهي.

ڪانٽ، بينٿهم ۽ مل جا اخلاقي اصول پاڻ ۾ متصادم آهن، جنهن مان ظاهر ٿيو ته صرف عقل، اخلاقيات جو بنياد نٿو بڻجي سگهي.

نتيجي طور چئبو ته اخلاقي انحطاط سان انساني لاڳاپن ۾ مشينيت، بي حسي، مفاد پرستي ۽ خود غرضي جو واڌارو ٿيندو.

**٣. سائنس مان ورتل انسان جو تصور:**

هي فڪر انسان کي حيوانيت ڏانهن واپسي جو تصور ڏيئي ٿو، حياتياتي سائنس ۽ ارتقائي نظريي انسان کي رڳو "ترقي يافته حيوان" قرار ڏئي سندس روحاني ۽ اخلاقي حيثيت کي نظرانداز ڪيو.

هن فڪر جي جيڪڏهن چنڊ ڇاڻ ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو، ڊارون جي ارتقائي نظريي انسان جي حيثيت گهٽائي، ڪيس "جينياتي مجبور" بڻايو. هربرٽ اسپينسر جي "سماجي ارتقا" نسلي فرق ۽ برتريءَ کي جواز ڏنو، جيئن هٽلر جي نسلي پاليسي نسل پرستي کي فروغ ڏنو.

جديد نفسيات، جيئن بي ايف اسڪينر جوBehaviourism ، انساني روين کي صرف "ماحولي محرڪات" ۽ ذهن انساني کي مختلف ڪيميڪلز جو طبعي نتيجو سمجهي، مجرمانہ عملن جي ذميواري فرد کان هٽائي ڇڏي.

نتيجي طور انسان جي اخلاقي تقدس جو انڪار، اخلاقي جبر ۽ سماج ۾ ڏوهن جو اضافو ٿيو.

**۴. وجوديت پسندي:**

بي مهار انفراديت ۽ آزادي جو ٻيو نالو وجوديت پسندي جو نظريو آهي.

وجوديت (Existentialism) فرد کي "مطلق آزادي" ڏئي اخلاقي ذميوارين کان بلڪل آزاد ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهن منصفاڻي نظر سان تنقيدي جائزو وٺنداسين تہ معلوم ٿيندو، زان پال سارتر جو قول "وجود، جوهر تي مقدم آهي" فرد کي هر اخلاقي فيصلي ۾ مڪمل خودمختاري ڏئي ٿو، پر ان جو نتيجو "اخلاقي انارڪي" جي صورت ۾ نڪري ٿو، جتي اجتماعي قدر بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا. سارتر جي اها خودمختاري، ڪانٽ جي اخلاقي خودمختاري سان ٽڪراءُ ۾ آهي، جيڪا فرد کي گهٽ ۾ گهٽ اجتماعي اصولن جو پابند بڻائي ٿي.

نتيجي طور اخلاقي غير ذميواري سان سماجي رشتن جو ٽٽڻ، خود پرستي، خودغرضي ۽ بي راهہ روي اوج تي پهچي ٿي.

**۵. مذهب کان انحراف :**

اخلاقي سند جي بحران انسان کي ان حد تائين پهچايو، جتي جديد فڪر مذهب کي "غير عقلي" قرار ڏئي، اخلاقيات کي ان کان جدا ڪري

ڇڏيو. جيڪڏهن سندن مذهب بيزاري جو جائزو وٺبو، تہ ان جو نتيجو هي نڪرندو. تہ مغرب اخلاقيات کي "فطري" قرار ڏيئي مذهب کان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر عملي طور اهو نظام "مادي طاقت" تي ٻڌل مفادن (مثال طور سرمائيداراڻي نظام) ۾ بدلجي ويو.

**حاصل ڪلام:**

جديد فڪري بحران ۽ انساني سڃاڻپ جو سوال مٿين تجزئي مان واضح ٿئي ٿو تہ جديد مغربي فڪري روايت—جيڪا پاڻ کي عقل، سائنس، ۽ آزاديءَ جو علمبردار سمجهي ٿي—انسان کي معنوي مرڪز کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. سيڪولرازم اخلاقي اضافيت کي جنم ڏيئي، انسان کي حتمي سچ کان ڪٽي ڌار ڪيو؛ مشيني عقل جذبات ۽ روحانيت کي بيقدر ڪري، انسان کي مشين جهڙي سوچ تائين محدود ڪيو؛ سائنس مان ماخوذ انسان جو تصور انسان جي تقدس کي مٽائي، ان کي فقط جانور ۽ ماحول جو اسير بنايو؛ وجوديت انفراديت کي حد کان وڌائي، اجتماعي قدرن کي پائمال ڪيو؛ ۽ مذهب کان انحراف اخلاقيات کي طاقت، مفاد ۽ خود غرضي جي تابع بڻايو.

**آخري ڳالهہ:**

جديد دور جو انسان فڪري طور مطلق اخلاقي معيار يا روحاني مرڪز کان ڪٽجي ويو آهي، جنهن سبب سماج ۾ اخلاقي الجهن، نفسياتي بيچيني، رشتن جي تقدس جي پائيمالي ۽ خلوص تي ٻڌل تعلقات جي زوال جهڙا بحران پيدا ٿيا آهن. انساني فڪر جي بحالي لاءِ لازمي آهي تہ عقل، سائنس، ۽ آزاديءَ کي روحاني ۽ ماورائي اصولن سان هم آهنگ ڪيو وڃي، جيئن فرد ۽ سماج ٻنهي کي هڪ متوازن ۽ پائيدار اخلاقي فريم ورڪ ملي سگهي.

# حضرت پيرسائين چٽ ڏٽي رحمة الله عليه جي همه جهت شخصيت

مفتي دوست علي سڪندري

الله تعاليٰ انسان ذات جي ڀلائي لاءِ پنهنجا پيغمبر موڪليا. هر پيغمبر پنهنجي پنهنجي قوم ۾ امت لاءِ هدايت ۽ ڀلائي جي ڪوشش ڪئي. آخر ۾ نبين جي سردار اسان جي آقا و مولىٰ حضرت محمدﷺ جن ڪي نه فقط هڪ قوم ۾ ملڪ بلڪ پوري دنيا لاءِ هادي ۽ سڀني جهانن لاءِ رحمت بنائي موڪليائين. حضورﷺ جن ڪان پوءِ جڏهن ته نبوت جو سلسلو بند ٿي ويو. تنهنڪري الله تعاليٰ اهو پيغمبرانه ڪم سندن امت جي ولين ڪان ورتو. جن حضورﷺ جن جو طريقو اپنائيندي ڀٽڪيل ۽ گمراه ماڻهن کي الله تعاليٰ جو رستو ڏيکاري ڪين ڪامل انسان بڻايو.

حضورﷺ جن جي امت جي تاريخ اهڙن ڪامل ولين سان ڀري پئي آهي. برصغير ۾ امام العارفين حضرت سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليه ۽ سندن خاندان جي بزرگن مسلمانن ۾ دين جي جيڪا خدمت ڪئي آهي. اهو تاريخ جو هڪ بيمثال روشن باب آهي. حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه جي مبارڪ گاديءَ تي ويهڻ وارن بزرگن پنهنجي پنهنجي دور ۾ امتِ مسلمه ۽ دين جي بي مثال خدمت ڪئي آهي. انهن مان اعليٰ حضرت محسنِ ملت حضرت پير سيد شاه مردان شاه ثاني رحمة الله عليه (ستون پاڳارو) جن جون مسلمانن لاءِ روحاني، ديني، ملڪي، سماجي ۽ سياسي خدمتون به ناقابلِ فراموش آهن. عشقِ رسول ﷺ سان سرشار هن ذات جي سيرت تي جيڪڏهن انصاف سان نظر ڪجي، ته منجهن حضور ﷺ جن جي پاڪ سيرت جون جهلڪيون نظر اچن ٿيون.

مڪي جي ڪافرن حضورﷺ ۽ سندن صحابن کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيئي آخر مڪو پاڪ ڇڏرايو پر جڏهن مڪو پاڪ فتح پئي ٿيو، تڏهن جن ڪافرن پاڻ ڪريمنﷺ ۽ سندن صحابن کي جيڪي تڪليفون ڏنيون هيون ڪين سُجهن پيون ۽ هڪٻئي کي چيائون، ته هاڻي اسان جو ڇا ٿيندو؟ شايد سخت سزا يوڳڻي پوندي. پر حضور ﷺ جن فرمايو، ته ڪابه انتقامي ڪارروائي نه ڪئي ويندي ۽ نه ئي اڄ ڪنهن کي ميار ڏني ويندي.

انهيءَ پاڪ سيرت جي جهلڪ تڏهن ڏسڻ ۾ آئي جڏهن حضرت پير سيد شاهه مردان شاهه ثاني رحمة الله عليه ولايت کان واپس وطن آيا ۽ گادي بحال ٿي. تڏهن انگريزن جي خوشنودي ۽ دولت حاصل ڪرڻ لاءِ سندن عظيم والد حضرت پيرسيد صبغت الله شاهه شهيد رحمة الله عليه ۽ جماعت جي خلاف ڪوڙيون شاهديون ۽ طرح طرح جون تڪليفون ڏيڻ وارن سوچيو، تہ هاڻي اسان جو خير ناهي. تڏهن پاڻ فرمايائون، تہ ڪابہ انتقامي ڪارروائي عمل ۾ نہ ايندي ۽ اسان سڀني کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ جماعت کي فرمايائون، تہ تلخ ماضيءَ کي وساري روشن مستقبل لاءِ ڪوشش ڪريو ۽ سندن حر جماعت بہ صحابہ جي سنت تي عمل ڪندي ڪابہ انتقامي ڪارروائي نہ ڪئي.

عفو ۽ درگذر ۾ بہ منجهن نبوي سيرت نظر اچي ٿي. ڪيڏو بہ وڏو دشمن جنهن سڄي عمر سندن ۽ سندن جماعت جي دشمني ۽ ڪين تڪليف ڏيڻ ۾ گذاري هجي پر جڏهن معافيءَ لاءِ دروازي تي آيو تہ پاڻ انکي نہ فقط معاف ڪيائون بلڪ محبتن ۽ عطائن سان نوازي پنهنجو سڄڻ ۽ گرويده بڻايائون. ان جا ڪوڙ سارا مثال آهن پر سابق وزير اعلىٰ مرحوم ڄام صادق علي جو مثال بہ اعلىٰ آهي. نيڪ نيتي ۽ خيرخواهي ۾ بعينه رسول الله صلی الله علیه وسلم جي پاڪ حديث ”الدين النصيحة“ يعني دين خيرخواهي جو نالو آهي، جي مصداق هيا. سبحان الله. سندن زندگي کي ڏسجي تہ پاڻ پنهنجي پوري زندگي خيرخواهي ۾ گذاري ۽ پنهنجو هجي يا پرائو سڄڻ هجي يا دشمن هر ڪنهن جا خيرخواهه رهيا. وٽن جڏهن ڪو مشورو وٺڻ ايندو هو تہ تمام نيڪ مشورو ڏيندا هئا. وطن ۽ قوم سان سندن خيرخواهي بہ روز روشن جيان عيان آهي. اڄ تاريخ شاهدي ڏئي ٿي تہ سندن هڪ رپيو بہ ٻاهرين ملڪ ۾ نہ آهي. جڏهن تہ جمهوريت ۽ قوم ۽ وطن سان وفاداريءَ جي ڪوڙي دعوىٰ ڪرڻ وارا ڪوڙ اهڙا آهن جن وطن ۽ قوم سان دشمني ڪندي پنهنجو سڄو پئسو ٻاهرين ملڪن ۾ ڪڍي پاڪستان کي ڪنگال بڻائي ڇڏيو آهي.

حيرت تڏهن ٿي جڏهن محمد ڇٽل پيند (فنڪشنل ليگ اڳواڻ) اڳي ڪنهن تڪليف ۾ ڪين عرض ڪيو، تہ ٻاهرين ملڪ مان علاج ڪرايو تہ فرمايائونس تہ پئسو نہ آهي محمد ڇٽل پيند ظاهري معنىٰ سمجهي عرض ڪيو تہ پئسن جو بندوبست ڪري ٿا وٺون ، تڏهن پاڻ فرمايائون تہ پاڪستان اڳي ئي قرضي آهي ويتر هي پئسو بہ ٻاهر ڪڍون قطعاً مناسب نہ آهي“. سبحان الله آهي ڪو

وطن سان وفاداري ۽ خيرخواهي جو اهڙو اعلىٰ مثال پيش ڪري سگهي.

جڏهن بہ ڪو سياسي ماڻهو وٽن ڪو مشورو وٺڻ ايندو هو، تہ ڪيس اهڙو نيڪ مشورو ڏيندا هئا جنهن ۾ نہ فقط ان جي پر وطن ۽ قوم جي بہ ڀلائي هوندي هئي. اها ڳالهہ الڳ آهي، تہ مشورو وٺندڙ ان تي ڪيترو عمل ڪندو هو. قوم ۽ وطن سان خيرخواهي، همدردي ۽ محبت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ ڪنهن انٽرويو ۾ ڪانئن سوال ڪيو ويو، تہ اوهان کي وڏ کان وڏ ڏک ڪڏهن پهتو؟ فرمايائون، تہ ”جڏهن پاڪستان ٽڪر ٽيو.“ حالانڪ ننڍپڻ ۾ عظيم والد جو وڇوڙو، ماءُ جي محبتن، جماعت ۽ وطن کان ڏه کن سال پري رهڻ ۽ جماعت جي دربدريءَ جا ڏک بہ سندن زندگيءَ جو حصو هئا پر ڪين وڏ ۾ وڏ صدمو وطن جي بہ ٽڪر ٿيڻ وقت ٿيو. ڀلا ڪيئن وڏو صدمو نہ پهچي جو ان وطن ٺاهڻ لاءِ سندن عظيم والد حضرت سورهيہ بادشاهﷺ ۽ جماعت جون قربانيون آهن. نهي ٽڪي تي ويهي ۽ قوم جي جذبن سان کيڏندڙ ۽ وطن کي لٽيندڙن کي سندن سيرت ۽ ان فرمودي مان سبق سکڻ گهرجي.

جماعت ۽ واسطيدارن کي هميشہ النصيحة يعني هر ڪنهن سان خيرخواهي جو درس ڏيندا هئا. خاص ڪري پاڙي وارن سان خيرخواهي ۽ همدردي جو تاڪيد سان حڪم فرمائيندا هئا. شايد ئي ڪو اهڙو خطاب هجي جنهن ۾ پاڙي سان همدردي ڪرڻ جو ذڪر ٿيل نہ هجي بلڪ هر خطاب ۾ اهو ذڪر فرمائيندا هئا. سچائي، نيڪ نيتي ۽ سندن اخلاص احسان جي درجي کي پهتل هو ۽ ٻين کي بہ اخلاص ۽ نيڪ نيتي جو درس ڏيندا هئا. هميشہ فرمائيندا هئا تہ ”باري تعالىٰ هر نيڪ نيت ماڻهوءَ کي نوازيندو آهي تنهنڪري توهان هميشہ نيڪ نيتي سان زندگي گذاريو.“

رضا الاهي سندن زندگي جو مقصد هو. هر نيڪ ڪم بغير ڪنهن لالچ ۽ ريا جي فقط ۽ فقط الله تعالىٰ جي رضا لاءِ ڪندا هئا. مريدن ۽ عقيدتمندن کي بہ رضا الاهي جي حاصل ڪرڻ جو درس ڏيندا هئا. نصيحت ۽ ذڪر ڪرڻ جي تلقين ڪرڻ بعد فرمائيندا هئا، تہ ”عبادت ۽ ذڪر فقط رضا الاهي لاءِ ڪيو ويندو آهي تنهنڪري ان کان پوءِ ڪڏهن بہ دنياوي مقصد لاءِ دعا نہ گهرڻ گهرجي.“

نماز، ذڪر، پاڙي سان سٺو هلڻ، اولاد کي تعليم ڏيارڻ، نشي پتي کان پرهيز ڪرڻ ، چورن بدمعاشن ۽ برن جي صحبت کان پرهيز ڪرڻ جي هميشہ

تلقين فرمائيندا هئا. هوٽلن تي ويهڻ، اجايو وقت وڃائڻ کان بہ منع ڪندا هئا. حلال رزق لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ حرام خاص ڪري وياج کان بچڻ جو سختي سان تاڪيدي حڪم فرمائيندا هئا. سندن اهو مختصر ۽ جامع خطاب حق جي طالبن لاءِ ڪافي آهي.

علم ۽ عالمن سان محبت ۽ انهن کي عزت ڏيڻ سندن خانداني روايت رهي آهي. معراج النبي ﷺ جي پروگرام لاءِ اهلسنت جي عالمن ڏانهن دعوت نامہ موڪليندا هئا ۽ هر هڪ عالم سڳوري کي عزت بخشڻ سان گڏ شاهي انداز سان انهن جي خدمت پڻ ڪندا هئا. ان موقعي تي رات جي ماني پاڻ عالم سڳورن سان گڏ ڪائيندا هئا. هر هڪ کان حال احوال وٺندا هئا ۽ غور سان ٻڌندا هئا. جامعہ راشديہ مان فارغ ٿيندڙ عالمن ۽ حافظن تي الوداعي تقريب ۾ جيڪا شفقت ۽ ٻاجھ فرمائيندا هئا سا ڪڏهن بہ وسرڻ جهڙي نہ آهي. سبحان الله هر هڪ شاگرد سان ملي ان کان خيروعافيت پڇندا هئا ۽ مدرسي ۾ پڙهڻ دوران جو حال احوال نهايت ئي شفقت ۽ پاٻوهہ سان پڇندا هئا؛ آخر ۾ ڪين تلقين ڪندا هئا، تہ توهان وچي نيڪ نيتي، اخلاص ۽ سچائي سان رضا الاهي خاطر مسلمانن جي خدمت ڪيو. ماڻهن کي نرمي ۽ محبت سان نصيحت ڪريو ۽ نيڪ نامي حاصل ڪريو. علم ۽ عالمن جي قدرداني جا اعلىٰ مثال قائم ڪيائون.

هڪ ڀيري سنڌ جي مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪو سندن مريد هو انجي دعوت تي سندس گھر تشريف فرما ٿيا.جڏهن تہ ڊاڪٽر صاحب کي جماعت جي اصول مطابق ويهڻو نہ هيو تہ حضرت پيرسائين رحمة الله عليه بہ بيٺا رهيا. ڊاڪٽر صاحب جڏهن گھڻو ويهڻ جو اصرار ڪيو تڏهن پاڻ فرمايائون، "ڊاڪٽر صاحب! جتي علم هوندو آهي، اتي ادب هوندو آهي." پوءِ پاڻ بيٺي دعا فرمائي اڳتي روانا ٿيا. هڪ ڀيري پاڻ پنهنجي قائم ڪيل مدرسي جامعہ راشديہ ۾ آيا مدرسہ ۽ طالب علم ڏسي باغ بهار ٿيا. مدرسي مان نڪرندي مدرسي جي مهتمم استاد العلماء سائين مفتي محمد رحيم سڪندري جن کي پيشاني تي چمي ڏنائون. سبحان الله پيرپاڳاري جو هڪ مريد (عالم) کي سندس پيشاني تي چمي ڏيڻ يقيناً علم ۽ عالم سان محبت جو اظهار هو. هڪ ڀيري عيد جي موقعي تي جماعت کي ديدار ڪرائڻ مهل خطاب ڪندي فرمايائون، تہ "منهنجي ۽ مفتي صاحب جي طرفان اوهان کي عيد مبارڪ هجي." ان اعزاز جو اندازو ڪير اهو اعزاز ماڻيندڙ سائين مفتي محمد رحيم

سڪندري صاحب جن ڪان پڇي ها، تہ هي ڪيڏو وڏو اعزاز هو. عالم ڪي ايڏو وڏو اعزاز بخشڻ علم ۽ عالم جي عزت افزائي جو اعلىٰ مثال آهي.

پاڻ جماعت ڪي هميشہ عالمن ڪي ٻڌڻ ۽ انهن جي نصيحتن تي عمل ڪرڻ جو حڪم فرمائيندا هئا. پنهنجي مدرسي جي طالبن جي خدمت ۾ فقط بار لاهڻ ڪان ڪم نہ وٺندا هئا. بلڪ ڪين رسول الله ﷺ جن جا مهمان سمجهي سندن خدمت جو حڪم ڏيندا هئا. انهن طالبن متعلق سندن خيال هو تہ، ”هو منهنجي ناني حضرت نبي ڪريمﷺ جن جا مهمان آهن.“ سائين مفتي صاحب ڪان انهن جي خدمت ۽ کاڌي پيتي متعلق حال احوال معلوم ڪندا هئا. هڪ ڀيري پڇيائون، تہ ”طالبن ڪي ڪهڙا چانور کارائيندا آهيو؟“ عرض ڪيو ويو، تہ ايري چانور! فرمايائون، تہ ”هرگز نہ! اڳتي انهن ڪي باسپتي چانور کارائيندا ڪريو.“

الله پاڪ جي ذات مٿان ڪامل ڀروسو رکندڙ ڪامل ٻانهو هئا. توڪل علي الله جو اهو عالم هو جيڪو الله تعالىٰ ڏنو يا تہ خير ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪيائون يا غريبن ۽ مسڪينن تي خرچ ڪيائون. ڪين وٺڻ جي بجاءِ ڏيڻ تي تمام گهڻي خوشي ٿيندي هئي. پاڻ هميشہ مسلڪِ حق اهل السنة والجماعة جي تبليغ فرمايائون. هر اهو پروگرام جنهن ۾ مسلڪ اهل السنة والجماعة ۽ مسلمانن جو نقصان هجي ان جي سختيءَ سان مخالفت فرمايائون. بد عقيدي ملن جي طرفان پيش ڪيل شريعت بل جي سختي سان مخالفت ڪيائون. جنهن ڪري اهل السنة والجماعة جا ڪافي سارا علماء ڪرام بہ تذبذب جو شڪار ٿيا هئا. معراج النبي ﷺ جي موقعي تي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڪان درگاه شريف تي آيل علماء ڪرام سان جڏهن ان موضوع تي حضرت پيرسائين رحمة الله عليه سان ڳالهايو تڏهن انهن جون اڪيون کلي ويون ۽ تسليم ڪيائون، تہ اوهان ان معاملي ۾ حق تي آهيو. ان مجلس ۾ پاڻ واضح نموني فرمايو هئائون، تہ شريعت بل جي آڙ ۾ سني بريلوي مسلمانن مٿان رائيونڊي نظام مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. اسان ڪي انهن بدعقيدي ملن جي شريعت نہ بلڪ محمدي شريعت کپي. تنهنڪري اسان ان جي مخالفت ڪري رهيا آهيون.

حديث شريف ۾ آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو ٿي شخص اهڙا آهن جن سان الله تعالىٰ محبت رکندو آهي ، انهن مان هڪڙو اهو آهي جيڪو پنهنجي سڄي هٿ سان خير ڏئي تہ ان ڪي کٻي هٿ کان لڪائي . ان حديث پاڪ تي

سندن اهڙو عمل رهيو، جو سندن کوڙ خير جا ڪم ويجهي رهندڙ ماڻهن کان به لڪيل رهيا، خير جي ڪم جي تشهير ڪي نه فقط ناپسند ڪندا هئا ، بلڪه سخت ناراضگي جو اظهار ڪندا هئا. سندن عظيم الشان اداري جامعه راشديه جي متعلق به خاص ڪري پنجاب ۽ ڪراچي جي دوستن کي ڪا خبر نه هئي ، جڏهن اهي درگاه شريف تي ايندا هئا ته هي نظارا ڏسي چوندا هئا” يه عظيم الشان جامعه ، پيرصاحب ني تو ڪڀي هم سي تذڪره نهين ڪيا“ .

هڪ ناياب ۽ قيمتي سون سان ڪم ٿيل قلمي قرآن پاڪ جو نسخو خريد ڪيائون ،جڏهن ان جي قيمت متعلق پڇيو ويو ته فرمايائون منهنجي ضرورت الله تعالیٰ هن کان پوري ڪرائي ۽ ان جي مون کان .مڪتبه عثمانيه ڪراچي جي مالڪ حاجي غلام محمد ٻڍايو ته پندرنهن ويهه سال اڳ پيرسائين جن ان جا مونکي هڪ لک پنجويهه هزار روپيا عنايت ڪيا. پر جڏهن سندن خير جي ڪمن تي نظر وجهجي ٿي ته پاڻ سراپا خير ۽ نيڪي جو مجسمو هئا، هزارين يتمين ۽ بيواهن جو سڄو خرچ پنهنجي ذمي ڪنيوهئائون ، غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي تعليم تي به لکين روپيا خرچ ڪندا هئا ، سندن لنگرخانو هرعام ۽ خاص لاءِ کليل هو .

درگاه شريف جي ٻاهران هڪ خيراتي هوميوپيٿڪ اسپتال کولرايائون ، جنهن ۾ هرماڻهو جو مفت علاج ڪيوويندو آهي .

جامعه راشديه مان هزارن جي تعداد ۾ فارغ ٿيندڙ عالم، مفتي ،حافظ ۽ قرآن جا قاري به سندن ڪرامت ۽نظر فيضِ اثر جو نتيجو آهن، اها جماعت جنهن کي جاهل تصور ڪيو ويندو هو ۽ جنهن لاءِ چيو ويندو هو ته انهن کي ڪلمو پڙهڻ به نٿو اچي . الحمد لله اڄ ان جماعت ۾هزارين عالم ، حافظ ۽ قاري موجود آهن. جيڪي ممبرِ رسول تي ويهي سندن فيض کي ونڊيندي مسلمانن جي خيرخواهي ڪري رهيا آهن ، ۽ سندن جماعت ۾ لکن جي تعداد ۾ ذڪرفڪر ڪرڻ وارا ۽ تهجد گذار ٻانها موجود آهن .

دنياوي حساب سان ڪم ظرف معاشري ۾ جنهن جماعت کي عزت نه ڏني ويندي هئي ،ساڳيو معاشرو اڄ ان جماعت سان گڏ هلڻ پنهنجي لاءِ فخر سمجهي ٿو، اهو به سندن ڏاهپ ۽ ڪمال نظر اعلیٰ جو مثال آهي . حقيقت هي آهي ته سندن ذات ۾ هر صفت ڪمال سان گڏ موجود هئي . جنهن به شخص جنهن نظر سان ڪين ڏٺو ان کي اها صفت ڪمال درجيۡ۾ نظر آئي. جنهن ڪين

سياستدان ڏٺو تہ ان کي حقيقي سياست جو امين نظر آيو ۽ جنهن ڪين سخي ڏٺو تہ ان کي هڪ وڏو سخي نظر آيو ، جنهن ڪين عالم ڪري ڏٺو تہ ان کي هڪ وڏو عالم نظر آيو ، جنهن ڪين محب وطن طور ڏٺو تہ اهو شخص سندن حب الوطني جا مثال ڏيندي نظر آيو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ولي الله ڪري ڏٺو تہ ايمان ۽ يقين سان سندن ولي الله هجڻ جي شاهدي ڏيندي نظر آيو ، جنهن جيئن تي ڏٺو تيئن تي نظر آيو. جيڪو ماڻهو سوالي بڻجي آيو ان کي اها شيءِ توقع ۽ اميد ڪان وڌيڪ ملي دنيا دارکي دنيا ۽ دين وارن کي دين مليو.

سندن موڪلاڻي بہ سندن جد امجد امام العارفين حضرت سيد محمد راشد روضي ڌڻي جي ملفوظات شريف جي هن بيت مطابق ٿي.

ياد داري ڪہ وقت زادن تو همہ خندان بود ند تو گريان

آنچنان زي ڪہ وقت مردن تو همہ گريان بودند توخندان

يعني ياد اٿئي تہ جڏهن تون ڄائو هئين تہ تڏهن ٻيا سڀ کلن پيا تون روئين پيو ۽ دنيا ۾ اهڙي زندگي گذار جو جڏهن هن دنيا مان لڏڻ جو وقت ٿئي تہ تون کلندوءِ مسڪرائيندو وڃين ۽ ٻيا روئندا رهن.

واقعي هن ڪامل ولي پنهنجي آخري پريس بيان ۾ ميڊيا جي ذريعي قوم ۽ جماعت ڪان ڪلندي موڪلايو ۽ فرمايائين تہ مان موڪل تي ٿو وڃان جوان ٿي واپس ايندس . حضور ﷺ جن فرمايو تہ جنتي جڏهن جنت ۾ داخل ٿيندا تہ جوان ٿي داخل ٿيندا ۽ پڻ فرمايائون تہ قبرصالح ٻانهي جي لاءِ جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي ، واقعي جڏهن موٽيا تہ جوان ٿي موٽيا ان ڪري جو سندن سفر ان جنت جي باغ جي طرف هيو.

سندن وصال تي کهڙي اک هئي جيڪا آلي نہ ٿي ، ڪير هو جيڪو رنو نہ هو . سندن وجود هرهڪ لاءِ ڇپر ۽ ڇانو هيو ، هن ڪامل مومن جي زبان ۽ هٿ ڪان ڪنهن کي ڪڏهن بہ ڪا تڪليف نہ پهتي . سندن بي مثال سيرت دنيا تي اهڙا نقش ڇڏيا جيڪي ڪڏهن بہ مٽجڻ جهڙا نہ آهن ، اهي جماعت ۽ قوم جي لاءِ مشعل راه آهن . سندن وڇوڙو ظاهري جدائي تہ آهي پر سندن يادون ۽ روحانيت سدائين گڏ هوندي.

نہ سي تڙ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجارَنِ جُون

سَرتيُون سامُونديِن جا، اَڄُ پڻُ ڇڪِيَمِ چاڪَ؛

مارِينِمِ فِراقَ، پاڙيچيُون پِريُنِ

# استاذ العلماء، شيخ الحديث حضرت علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري عليہ الرحمة

**حافظ عبدالقيوم سڪندري**

**ولادت ۽ خانداني پس منظر :** حضرت استاذ العلماء، شيخ الحديث علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري عليہ الرحمہ جو والد جو نالو محمد چاڪر ڪوسو هو. پاڻ ٣ جنوري ١٩٤١ع مطابق ٥ ذوالحج ١٣٥٩ هجري بروز جمعو، ڳوٺ قادرپور ٻيلو (نزد سکر) ۾ ڄاوا. بعد ۾ درياهہ جي وهڪرن سبب سندن خاندان ڳوٺ مير محمد ڪوسو، تعلقي ٺل ڏانهن لڏي آيو.

**ابتدائي تعليم :**قرآن پاڪ جي ناظره تعليم پنهنجي مامي فقير محمد ڪوسو ڪان حاصل ڪئي. فطري ذهانت ۽ غيرمعمولي يادگيريءَ سبب، پاڻ روزانو استاد جي پڙهايل سبق ڪان اڳتي پڙهي ايندا هئا. جڏهن تہ اڃا حافظ قرآن نہ هئا، پر تراويح ۾ امام ڪي جتي ڀُل ٿيندي، اُتي لقمون ڏيندا هئا.

**جامعه راشديه سان وابستگي:**سن ١٩٥٢ع ۾سندن والده ماجده (جن جو شمار صالحہ ۽ تهجدگذار عورتن ۾ ٿيندو هو) جي خواهش تي سندس ڀائر نور محمد ڪوسو ۽ قادر بخش ڪوسو ڪين پير جوڳوٺ جي عظمت ڀري علمي مرڪز جامعه راشديہ درگاهہ شريف ۾ داخل ڪرايو.

اتي پاڻ پنهنجي فطري ذوق، محنت ۽ سچائي سان تعليم ۾ نمايان ٿيا، ۽ ١٩٦١ع ۾ فراغت حاصل ڪئي. اُن ٽئين بيچ جا شاگرد هئا، جيڪي جامعه راشديہ مان درس نظامي مڪمل ڪري فاضل بڻيا.

**اعليٰ تعليم:** مفتي صاحب نہ صرف ديني تعليم ۾ نمايان رهيا، پر عصري علم ۾ بہ اڳڀرا هئا.

١٩٦٠ع: سنڌ يونيورسٽي مان فاضلِ عربي جي سند اول پوزيشن سان حاصل ڪئي.

١٩٨٤ع: تنظيم المدارس اهل سنت مان شهادة العالمية حاصل ڪئي.

٢٠٠٢ع: بغداد يونيورسٽي، عراق مان عربي ريفريشر ڪورس مڪمل ڪيو.

**اساتذه ڪرام :** سندن علمي پرورش سنڌ جي نامور عالمن جي صحبت ۾ ٿي، جن ۾ هي بزرگ شامل آهن:

مفتي اعظمِ پاڪستان حضرت علامہ مفتي محمد صاحبداد خان نوراللّٰہ مرقده
حضرت علامہ مولانا محمد صالح مهر عليہ الرحمه
حضرت علامہ مفتي تقدس علي خان بريلوي عليہ الرحمه
حضرت علامہ سيد حسين امام اختر عليہ الرحمه
علامہ ڪريم بخش دايو عليہ الرحمه
علامہ عبدالصمد ميتلو عليہ الرحمه
علامہ مخدوم امير احمد عليہ الرحمه (جن ڪان فتويٰ جو مروج طريقو سکيا)

**قرآن مجيد جو حفظ:** جڏهن پاڻ نوابشاهہ ۾ جامع مسجد علامہ محمد هاشم انصاري جا خطيب هئا، تڏهن هڪ بدعقيده حافظ ڪي تراويح لاءِ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پاڻ ان ڪي هٽائي ۽ فقط ستاويهن ڏينهن ۾ مڪمل قرآن مجيد ياد ڪري، پنهنجي امامت ۾ تراويح پڙهائي.

**سلسلوءِ اساتذه :**سندن علمي سلسلو پنهنجي مرشد مربي امام العارفين حضرت پير سيد محمد راشد روزي ڌڻي قدس سره جي استادن تائين پهچندو آهي.

سندن علمي سند جي زنجير ۾:

مفتي محمد صاحبداد خان جمالي، مولانا محمد صالح مهر، علامہ مفتي محمد قاسم ڳڙهي ياسيني، علامہ عبدالغفور مفتون همايوني، علامہ عبدالحڪيم سيالڪوٽي، علامہ عبدالحليم ڪنڊوي، علامہ محمد عاقل شاهہ هالائي ۽ آخر ۾ علامہ سعدالدين تفتازاني شامل آهن.

ٻئي طرف سندن تلمذ علامہ مفتي تقدس علي خان بريلوي عليہ الرحمه جي ذريعي فقط هڪ واسطي سان اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان فاضل بريلوي تائين وڃي ٿو.

**درس و تدريس ۽ خطابت:** فراغت ڪان پوءِ ١٩٧٦ع تائين اوهان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ تدريس ۽ خطابت جا فريضہ سرانجام ڏنا.

نوابشاهہ ۽ شهدادپور جي جامع مسجدن ۾ خطيب رهيا،

اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرر جي حيثيت سان ڪم ڪيو،

دارالعلوم قادريہ شهدادپور ۽ مدرسہ صبغت الفيض سومر فقير هنگورو ۾ شيخ الحديث طور خدمتون انجام ڏنيون.

**جامعه راشديه جا مهتمم :** سن ١٩٧٦ع ۾ حضرت پير سائين شاه مردان شاه ثاني (ڇٽ ڌڻي بادشاهہ) عليہ الرحمه جي حڪم سان ڪين جامعه راشديہ جو مهتمم

مقرر ڪيو ويو، جتي پاڻ ٤٥ سال تائين علمي ۽ اداري خدمتون سرانجام ڏنيون.

سندن دور ۾:

جامعه جو الحاق تنظيم المدارس سان ٿيو

شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور کان جامعه جي سند کي پهرين بي.اي ۽ پوءِ ايم.اي جي برابري حاصل ٿي

امتحاني بورڊ جو قيام عمل ۾ آيو

عمارتن، ڪلاس روم ۽ هاسٽلن ۾ اضافو ٿيو

۽ جامعه جي شاخون مختلف شهرن ۾ کوليون ويون.

**تدريس جو انداز:** سندن درسِ حديث نهايت ادب، نورانيت ۽ محبت سان ڀريل هوندو هو. سبق مسجد جي صحن ۾ روضي شريف جي ڇانو ۾ ٿيندو هو. شاگردن کي ٻه زانو ويهڻ ۽ عطر لڳائڻ جو ادب سيکاريندا هئا. حديث جي پڙهائي وقت سندن آواز ۽ انداز ۾ سڪون، خشوع ۽ حضور جي محبت جي خوشبو محسوس ٿيندي هئي.

**شاگرد :**حضرت جي شاگردن جو تعداد هزارن ۾ آهي. پاڻ پنهنجي شاگردن سان والدانه محبت ڪندا هئا، سندن روزمره مسئلن ۾ مددگار رهندا هئا، ۽ سندن روزگار يا تعليم بابت هر ممڪن ڪوشش ڪندا هئا.

**بيعت ۽ خلافت :** سندن خاندان وڏي عرصي کان درگاهه راشديه پير جوڳوٺ سان منسلڪ رهيو آهي. پاڻ به ننڍپڻ ۾ حضرت پير سائين شاه مردان شاه ثاني عليه الرحمه جي دستِ بيعت ٿيا ۽ ١٩٩٢ع ۾ خليفه مقرر ٿيا.

اتقريباً ٽيهه سال تائين ”چونڪي پار“ (شڪارپور، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، بلوچستان) جا مُک رهيا.

سن ٢٠٢٠ع ۾ اها ذميواري سندن فرزند محترم محمد اڪرام ڪوسو صاحب کي منتقل ٿي.

**تصنيف ۽ تحرير:** جيئن ته سندن وڏو وقت تدريس ۾ گذريو، تڏهن به پاڻ تصنيف و تاليف ۾ گرانقدر ڪم سرانجام ڏنو:

١. ڪنزلايمان ۽ خزائن العرفان (قرآن ڪريم جو سنڌي ترجمو ۽ تفسير) جو امام احمد رضا خان فاضل بريلوي جي شاهڪار ترجمي جو سنڌي روپ، جيڪو ضياءالقرآن لاهور مان ١٩٩٢ع ۾ شايع ٿيو.

۲. خزانة المعرفة جو ترجمو ـــ پير صبغت الله شاهه اول تجر ڏٺي عليہ الرحمه جي ملفوظات جو آسان سنڌي ترجمو.

۳. الزبدة العمدة (شرح قصيده برده) تي مقدمو ـــ امام بوصيري جي مشهوره قصيده برده جي شرح لاءِ ۳۲ صفحن جو علمي مقدمو.

۴. حزب الاعظم جو سنڌي ترجمو ـــ جنهن سان گڏ حاشيي ۾ ”دلائل الخيرات“ بہ شامل ڪيو.

۵. ديوان مسڪين جو ترجمو ـــ پير سائين تخت ڌڻي جو فارسي ڪلام، جنهن کي پاڻ خوبصورت انداز ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

ان کان علاوه ڪيترائي مضمون، مقدمات، مقالا ۽ فتاویٰ ”الراشد“، ”الهديٰ“ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيا.

**فتویٰ نويسي :** فنِ افتاء ۾ اوهان پنهنجي استاد مفتي محمد صاحبداد خان جمالي کان تربيت ورتي ۽ هزارين فتاویٰ جاري ڪيا. خاص طور ميراث ۽ عبادات سان لاڳاپيل مسئلن ۾ .

**روحاني ذوق ۽ عبادت:** حضرت جي زندگي قرآن سان محبت ۽ نعت سان عشق ۾ گذري. هر سفر ۾ قرآن ڪريم ساڻ هوندو، ۽ نعت ٻڌڻ وقت سندن اکيون ڳوڙهن سان پرجي وينديون. پاڻ ”دلائل الخيرات“ ۽ ”حزب الاعظم“ جا عامل هئا، ۽ سيرت النبي ﷺ تي لکيل نئين ڪتابن کي خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ ۾ وڏي دلچسپي رکندا هئا.

**حج ۽ عمره :** حضرت مفتي صاحب ڪيترائي حج ۽ بيشمار عمره ادا ڪيا. پهريون حج لڳ ڀڳ ۱۹۶۳ع ۾ حضرت پير سائين شاه مردان شاه ثاني عليہ الرحمه جي صحبت ۾ ادا ڪيو.

**وصال :** ۲۰ ربيع الآخر ۱۴۴۷ھ مطابق ۱۴ آڪٽوبر ۲۰۲۵ع تي، پاڻ ۸۴ سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي رب سان ملاقات ڪئي. نمازِ جنازه درگاهه راشديہ پير جوڳوٺ ۾ ادا ڪئي وئي، جتي هزارين شاگرد، مريد ۽ عاشق علم و عرفان جي هن ستاري کي الوداع چئي روئي پيا.

الله تعاليٰ حضرت مفتي محمد رحيم سِڪندَري عليہ الرحمه جي قبر کي نور سان ڀري، سندن علمي فيض کي جاري وساري، ۽ اسان کي بہ سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمين، بجاهِ النبي الامين ﷺ

# غزالي، رازي ۽ بيهقي جو تسلسل

**عبدالعزيز سهڙو**

شيخ الحديث علامہ مفتي محمد رحيم سڪندري عليہ الرحمہ جو شمار پاڪستان جي جيد ترين عالمن مفسرن ۽ محدثن ۾ ٿئي ٿو حضرت مفتي صاحب انتهائي شاندار طريقي سان اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو درگاه شريف پيرجوڳوٺ ۾ قائم عظيم ديني درسگاه جامعہ راشديہ ۾ بحيثيت مهتمم ۽ مدرس خدمتون سرانجام ڏنيون حضرت مفتي صاحب جامعہ جي خدمتن واسطي حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي بادشاه جو انتخاب هئا ۽ ڇا تہ ڪمال جو انتخاب هئا ڇا تہ حضرت مفتي صاحب مٿان پيرسائين سردار جو اعتماد هو نظر عنايت هئي شفقت هئي جو زندگي جون پنج ڏهايون اهڙي ڪمال فضيلتن ۽ برڪتن ڀريي انداز ۾ درس حديث جون خدمتون سرانجام ڏنائون جو هزارين عالم سندن ان خدمت کان مستفيض ٿيا پنهنجي سيني ۾ سانڍيل حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي سردار عليہ الرحمة جي فيض کي قال الله و قال الرسول جي تنوارن ذريعي امانت سمجهي انتهائي قابليت ۽ خلوص نيتي سان پنهنجي اولين ذميواري سمجهندي هزارين عالمن جي سينن ۾ پرتڻ تائين ڪا ڪسر نہ ڇڏيائون اهو ئي سبب آهي جو سندن سرپرستي ۾ هزارين لائق ذهين ۽ قابل عالم تيار ٿيا جيڪي هن وقت ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ دين جي خدمت ۾ مصروف آهن هر سال ستاويهين رجب شريف تي جامعہ کان فارغ التحصيل ٿيندڙ عالمن جي دستاربندي جي روايتي پروقار ۽ روح پرور تقريب دوران ڪين امام العارفين حضرت روضي ڌڻي عليہ الرحمہ جي روضي ڪريم جي سائي ۾ سامهون ويهاري پاڪستان ڀر جي وڏن عالمن بزرگن ۽ مشائخن جي زبردست حصار ۾ بخاري شريف جو الوداعي درس ڏيندا هئا تہ سندن نوراني آواز پوري ماحول کي سرور بخشي حديث شريف جي مهڪ سان معطر ڪري ڇڏيندو هو سندن هي خصوصيت ۽ انفراديت سندن ئي شايانِ شان هئي

حضرت مفتي صاحب جي قابليت ۽ خدمتن کي ڏسي قائد ملت اسلاميہ علامہ شاھ احمد نوراني فرمائيندا هئا تہ "مفتی محمد رحیم سکندری جیسا عالم ہمارے پاس نہیں ہے" .

درگاھ شريف جي معمولات جي پابندي ۽ قرآن شريف ڪثرت تلاوت ۾ سندن ڪو ثاني ڪونهي دلائل خيرات جا عامل هئا ڪتابن جي مطالعي ۽ ڪتاب وٺڻ جو ڪين انتها درجي جو اشتياق هو جو زندگي جي آخري گهڙين تائين قائم رهيو طبيعت جي ناسازي ۽ ڪمزوري دوران بہ اگر سندن خدمت ۾ اهل علم ماڻهو حاضر ٿيندو هو تہ ان سان مطالعي ۽ ڪتابن متعلق ضرور گفتگو فرمائيندا هئا عشق رسول صلي الله عليہ وسلم سان ٽمٽار مدينہ طيبہ جا بي مثال عاشق هئا سندن ڪچهري جتي الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وسلم جي ذڪر سان مزين هوندي اتي حضور ڪريم جي شهر مدينہ طيبہ جو ذڪر ضرور ٿيندو هو عمر رسيده هجڻ ۽ شگر جي تڪليف ڪري ڪين عام طور ڪا ڳالھ گهٽ بہ ياد رهندي هجي پر مدينہ طيبہ جي عشق جو هي عالم هو جو اتان جي ذري ذري ڳالھ ڪين چڱي طرح ياد هوندي هئي نوي جي ڏهاڪي ۾ اسانجي پاڙي جو ڪو حاجي سڳورو ڪين هڪ دفعي مديني شريف ۾ مليو هو ڪين سندس نالو سالن تائين ياد هو جڏهن بہ اسان وٽ سندن آمد ٿيندي هئي ان جو نالو ڪٺي پڇا ڪندا هئا مدينہ طيبہ سان سندن محبت جو هي ادنٰی مثال آهي حضرت پيرسائين ڇٽ ڌڻي بادشاھ درگاھ شريف جي ٻين اهم ذميوارين سان گڏ ڪين چونڪي پار جي جماعت جي خدمت واسطي خليفو متعين فرمايو اسان جو واسطو سندس سنگت سان هو سائين مفتي صاحب اسانجي گهراڻي تي انتهائي مشفق ۽ مهربان هئا اسانجي والد صاحب کي دعوتي خليفو مقرر فرمايو هئائون والد صاحب سان ڪين درگاھ شريف جي معمولات نماز ذڪر شريف درود شريف تهجد گذاري جي پابندي سبب ڪافي محبت هئي ان لحاظ کان بہ اسان تي ڪافي مشفق هئا. مالڪ سائين سندن درجات بلند فرمائي

# استاد مفتي صاحب جي تربيت جو طريقو

مولانا ظهور احمد سڏايو سڪندري

اسلام هڪ مڪمل ضابطہ حيات آهي، جيڪو انسان جي هر شعبي لاءِ بهترين راهہ هدايت مهيا ڪري ٿو. ان ئي اسلامي نظام ۾ استاد کي تمام وڏو مقام حاصل آهي. استاد اها شخصيت آهي، جيڪا انساني ذهنن کي علم سان روشن ڪري ٿي، اخلاق کي سنواري ٿي، ۽ امت جي مستقبل کي تعمير ڪري ٿي.

اسلام ۾ استاد کي رڳو علم سيکاريندڙ نہ پر هڪ مربي ۽ رهنما قرار ڏنو ويو آهي. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو:

يَرْفَعِ اللهُ الَّذِينَ آمَنُوا مِنكُمْ وَالَّذِينَ أُوتُوا الْعِلْمَ دَرَجَاتٍ(سورة المجادلة: ١١)

”الله تعاليٰ اوهان مان ايمان آڻيندڙن ۽ جن کي علم ڏنو ويو، تن جا درجا بلند ڪندو. “

هيءَ آيت واضح ڪري ٿي تہ علم ۽ تعليم وارو شخص الله جي نظر ۾ بلند مرتبو رکي ٿو، ۽ اهو مقام ڪنهن مادي دولت سان حاصل نٿو ٿي سگهي. نبي ڪريم ﷺ پاڻ فرمايو:

انما بعثت معلما

”مون کي استاد بڻائي موڪليو ويو آهي.“(ابن ماجہ)

اها حديث شريف استاد جي عزت ۽ ذميواري ٻنهي کي ظاهر ڪري ٿي.رسول الله ﷺ پاڻ بهترين معلم ۽ بهترين مربي هئا. پاڻ ڪريمن ﷺ نہ صرف علم سيکاريو، پر شاگردن جي دلين ۾ ايمان، اخلاص، صبر، عاجزي ۽ عدل جا جذبا پيدا ڪيا.

اسلامي تعليمات موجب استاد جو ڪم صرف ڪتاب پڙهائڻ نہ آهي، پر شاگردن جي فڪر، اخلاق ۽ عمل کي سنوارڻ آهي. جيڪو استاد پنهنجي فرض کي ايمانداري، محبت ۽ نيت جي صفائي سان نڀائي ٿو، اهو دراصل نبين عليهم السلام جي مشن کي اڳتي وڌائي ٿو.

حضرت مفتي اعظم پاڪستان ۾ ٻہ ڪوڙ سارين خوبين سان اها خوبي بہ بحيثت هڪ استاد جي پاڻ پنهنجي شاگردن جي جهڙي نموني تربيت ڪئي اها بہ مثالي هئي اهڙو هڪ مثال هيٺ پيش ڪجي ٿو :

٢٠١٠جي ڳالهہ آهي ت هڪ دفعي آئون وضو ڪري پنهنجي ڪلاس جي طرف اچان پيو اولهہ طرف ڪلاس هيو وضو وارو پاڻي وات ۾ هيو اهو ٻاهر اڇلايم تہ مفتي صاحب جي آفيس سامهون هئي منهنجي مٿان سندن نظر پئجي وئي جيئن آءِ ڪلاس ۾ وينس تہ پنهنجي خادم کي مون ڏانهن موڪليائون، استاد رحمت الله کان اجازت طلب ڪري ئون مفتي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ خادم کي بہ ٻاهر موڪلي مونکي فرمايائون تہ بابا اوهان جڏهن پنهنجي ڪلاس ڏي وڃو پيا تہ اوهان جي وات ۾ پاڻي هيو سو اوهان اڇلايو اولهہ جي طرف ان پاسي منهنجي محبوب محمد ڪريم ﷺ جو شهر مبارڪ آهي ڪيڏو سهڻو طريقو سمجهائڻ جو . نہ استاد کي خبر ۽ نہ ئي خادم کي.

سلطان ڪوٽ شهر ۾ پنهنجي استاد سائين مفتي اعظم پاڪستان سائين صاحبداد جي مزار تي حاضري ڏيڻ کان بعد ۾ استاد العلماء مفتي سائين قائم الدين پيو سڪندري صاحب جي مهرباني سان منهنجي والد متعلق ٻڌائون تہ ملاقات جو اشتياق ڏيکاريائون، ٢٠٢٥/٠٩/٠٩ شام عصر نماز کان بعد ۾ جڏهن ملاقات ٿي پنهنجي مرشد مربي حضرت پٽ ڌڻي بادشاه جي سنت ادا ڪندي منهنجي والد صاحب جي ڇهري تي چمي ڏيندي فرمايائون تہ استاد صاحب معاف ڪجو اٿي ڪونہ ٿا سگهون ايتري شفقت هر هڪ ماڻهون جي لاءِ هڪ مثال آهي اڳاري جي شامقاري يار محمد جڪراڻي سڪندري شڪارپور کان خبر غم ٻڌايائين تہ دل جهلي ڪون سگهيم بس صبح جو اڪيون آليون ڪٽي ماضي واريون سموريون مليل محبتون شفقتون ساڻ ڪري درگاه شريف روانا ٿيا سين .

# شيخ الحديث سائين جو آخري سفر

**مولانا الله ورايو سهتو سڪندري**

استاذ الاساتذه رئيس العلماء والصلحاء شيخ الحديث و التفسير مفتي محمد رحيم سڪندري سابق خليفہ پار چونڪي ، مهتمم جامعہ راشديہ و سابق خطيب پيش امام جامع مسجد درگاه شريف پير ڳوٺ شريف خيرپور ميرس سنڌ جي جنازه نماز درگاھ شريف پيرسائين روزي ڌڻي بادشاھ قدس سره العزيز جي احاطي ۾ ادا ڪئي وئي

هزارن جي تعداد ۾ سنڌن شاگردن سڪندري عالمن حافظن سڳورن ۽ اهل سنت و جماعت درود وسلام پڙهڻ وارن مفتين عالمن حر جماعت جي معززنخليفن سڳورن زندگي جي مختلف طبقن سان تعلق رکندڙن آفيسرن دوستن عزيزن قريبن مٽن مائٽن دوستن محبت ڪندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

جنازو نماز حضرت علامہ مفتي دوست علي سڪندري صاحب جن پڙهائي علامہ عبدالباسط سڪندري هنگورو مرڪزي صدر جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان و سابق صدر جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان، استاذ العلماءُ علامہ سائين فقير مفتي محمد اسماعيل سڪندري ميمڻ صاحب، علامہ محمد يونس سڪندري مهر علامہ محمد آدم سڪندري صاحب، عالمي اسڪالر محققِ اسلام مبلغ اسلام علامہ ڊاڪٽر مفتي حق النبي سڪندري ازهري صاحب علامہ مفتي نور نبي سڪندري، علامہ فيض محمد سڪندري علامہ مفتي شفيق احمد قادري علامہ مفتي محمد ابراهيم قادري سڪر.. خليفو استاد سائين فقير احمد صالح مهر صاحب علامہ مفتي سائين عنايت الله سڪندري ڪيريو صاحب ، شارح بخاري علامہ مفتي عبدالرزاق سڪندري حافظ عبدالفتاح سڪندري پرهيار صاحب علامہ عقيل احمد سڪندري صاحب، استاد سائين مفتي غلام شبير سڪندري صاحب علامہ سائين فقير محمد حسن سڪندري مرڪزي ناظم اعليٰ جمعيت علماءِ سڪندريہ پاڪستان، علامہ پروفيسر احمد رضا سڪندري چانڊيو علامہ بزرگ سائين محمد اعظم سڪندري چانڊيو صاحب علامہ عبدالرسول سڪندري سهتو علامہ عبدالجبار سڪندري سهتو،خليفہ فقير سالڪ سنجراڻي صاحب فقير خادم حسين آرادين صاحب ، علامہ علي نواز سڪندري فقير الله ورايو سڪندري شهدادپور ، علامہ فدا حسين سڪندري علامہ محمد مريد سڪندري علامہ عبدالقيوم سڪندري صاحب( مرڪزي ناظم نشرو اشاعت)، علامہ سائين فقير محمد ايوب

سڪندري منگريو صاحب علامہ عبدالله سڪندري صاحب علامہ سائين علي اڪبر سڪندري گجو صاحب،.فقير سائين حاجي عبدالرحيم هنگورو فقير سائين انجنيئر فيروز احمد هنگورو فقير سائين محمد صادق هنگورو فقير عبدالوحيد جوڻو صاحب، علامہ عبدالسبحان سڪندري علامہ علي اڪبر سڪندري يمني علامہ معراج احمد سڪندري صاحب و ديگر جامعہ راشديہ درگاه شريف جا گرامي قدر استاد علماءِ ڪرام، علامہ احمد علي سڪندري صاحب علامہ اميد علي سڪندري راڄڙ صاحب پروفيسر سائين علامہ محمد صاحبداد سڪندري پروفيسر غلام مرتضي سڪندري صاحب علامہ سائين محمد امير اعظم سڪندري مولوي فقير سائين بخش راڄڙ صاحب علامہ سائين سيد محفوظ علي نعيمي صاحب علامہ سائين فقير عرفان علي سڪندري راڄپر صاحب علامہ عبداللطيف سڪندري ڪوسو صاحب حضرت حافظ در محمد سهڙو حر صاحب علامہ مفتي سائين فقير سيد فرحان علي سڪندري صاحب علامہ سائين مفتي امداد علي سڪندري ٻگهيو صاحب علامہ بشير احمد لاشاري صاحب علامہ فقير مولا بخش سڪندري مهر علامہ سائين غلام مجتبي سڪندري شاه صاحب قمبر، علامہ عبد الوهاب سڪندري شر علامہ عبدالنبي سڪندري شر نري ميرواه..حافظ علامہ عبدالرزاق سڪندري راهمون صاحب ، علامہ سائين فقير محمد حنيف سڪندري صاحب رحيم يار خان نڪو موري پنجاب ۽ جمعيت علماءِ سڪندريہ پنجاب ۽ بلوچستان..علامہ فياض احمد سڪندري مهر صاحب ڏهرڪي فقير سائين سيباڻو صاحب سڪندر آباد..فقير سائين محمد اشرف ڏاهري صاحب فقير سائين عبدالڪريم شر صاحب،،علامه هدايت الله سڪندري صاحب،.. علامہ امام بخش سڪندري ڪراچي، علامہ ياسر گل سڪندري ڪراچي علامہ عبدالعزيز سڪندري مهر صاحبۡ سون جي تعداد... عالمن حافظن سڀورن شرڪت ڪئي سائين.. مفتي صاحب ﷫ جن ڪي فقير سائين عبدالله ڪاتيار ﷫ جن جي مزار شريف سان متصل جاءِ تي جتي روزانو حضرت پيرسائين روزي ڌڻي بادشاھ قدس سره العزيز جن جي روضي جي چانو پهچي ٿي اتي آرامي ڪيو ويو...

*خدا رحمت کند بر ایں عاشقانِ پاک طینت را.*

تدفين کان پوءِجناب محترم سائين خليفہ محمد اڪرام ڪوسو صاحب فقير محمد ظفر ڪوسو صاحب فقير محمد معراج ، فقير يحي سڪندري ڪوسو صاحب جن سان جامعہ راشديہ درگاه شريف جي هال ۾ فاتحہ خواني ڪئي وئي ۽ اجتماعي

گڏجي دعائون گهريون ويون .

علامہ مفتي دوست علي سڪندري صاحب مهتمم جامعہ راشديہ درگاھ شريف و خطيب و پيش امام جامع مسجد درگاه شريف و نگرانِ اعلي جمعيت علماء سڪندريہ پاڪستان جن جن دعا فرمائي...بعد ۾ تعزيت جو سلسلو جاري رهيو.

ڏڪويل خاندان سان دلي همدردي غمگساري ۽ تعزيت لاءِ سندن تڏي تي پهچي....جناب محترم و مڪرم چيف خليفو سائين فقيرڪليم الله وساڻ صاحب جن جي ساڻ سان گڏ ۾ وڏي تعداد ۾ حر جماعت ۽ خلفاءِ ڪرام خليفن مڪن صاحبن ۽چيئرمين فيصلہ شرعي ڪاميٽي درگاھ شريف جناب محترم فقيرسعيدخان نظاماڻي صاحب ۽ خليفہ فقير سائين محمد هاشم خاصخيلي صاحب خليفہ فقير سائين محمد قاسم مهر صاحب خليفہ فقير سائين محمد رمضان راهمون ۽خليفہ فقير سائين محمد سلطان راڄڙ خليفہ فقير سائين غلام حيدر دودوانڙ ۽ خليفہ فقير سائين لال بخش احمداڻي ۽ خليفہ فقير سائين ولي محمد پهوڙ ۽خليفہ فقير سائين محمد يعقوب راڄڙ ۽ خليفہ فقير سائين محمدرحيم هنگورو فقير سائين محمد خضرحيات منگريو ۽ فقيرقلندربخش درس، جمعيت علماءِ سڪندريہ ٿرپارڪر جو سرواڻ علامہ فقيرولي محمدسڪندري حاجي عمرنهڙي فقير محمدعثمان سميجو فقيرعرفان علي ڪٽياڻ فقير سائين شفيع محمد لغاري صاحب فقيرمحمدخان وساڻ حاجي مرادعلي نظاماڻي فقيرسائين بخش وساڻ فقير مٺل پرهياڙ فقير نظام الدين راڄڙ فقيرسارنگ وساڻ ، فقير علي اڪبر صحافي صاحب جن ڪان علاوه حر جماعت جي معززين وڏي تعداد ۾ درگاه شريف مفتي صاحب جن جي تڏي تي پهچي فاتحہ خواني ۽ ايصال ثواب لاءِ دعائون گهريون ويون..

